حسام الدين ميراڻي

# سيد غلام رسول شاه ’غمناڪ‘ حسينيءَ جي شاعريءَ ۾ جماليات


***Abstract:***

*This research paper examines the aesthetics employed by a Sufi poet of Sindh, Syed Ghulam Rasool Shah "Ghamnak" Hussaini. It observes how Ghamnak utilizes aesthetical features to develop a potent and unique poetic expression that replicates the fundamental creeds of Sindhi Society and tenets of Sufism. The research investigates the themes of inner beauty, metaphorical landscapes and spiritual longing in his poetry. This examines how Ghamnak applies the sensory imagery, language mood, style, and the art of arranging the words and terms to evoke emotional intensity and lead the reader towards a state of social and spiritual awakening. By scrutinizing the aesthetic features and qualities of Ghamnak poetry, the study aims to provide a comfortable understanding of the concept of aesthetics and the model of aesthetical investigation in poetry. This article not only sheds light on Ghamnak's individual poetic genius but also offers the valued visions and insights into the larger spiritual and literary traditions of Sindh and its role in facilitating social and spiritual associations.*


**شاعري** ۽ جماليات جو پاڻ ۾ هڪ گهرو ۽ گهڻ رخو تعلق آهي جڏهن اسان شاعريءَ جي ڳالهه ڪيون ٿا ته شاعري، ادب جو هڪ حصو يا قسم سمجهيو وڃي ٿو، ۽ ادب وري فنون لطيفا (Art) جي هڪ شاخ آهي. فنون لطيفا کي ٽن بنيادي شاخن ۾ ورهايو وڃي ٿو. جن جو ذڪر جرمن فلاسافر ۽ ڏاهي ڪانٽ (Immanuel Kant) پنهنجي ڪتاب Critique of Judgement ۾ ڪيو آهي:

1. ادب Art of Speech or Literary Art
2. مظاهرو Performing Art or Art of Play
3. تشڪيلي آرٽ Formative Art or Visual Art or Plastic Art[1]

ادب (Art of Speech or Literary Art) بنيادي طرح ٻن حصن يعني شاعري ۽ نثر ۾ ورهايل آهي .مٿي بيان ڪيل سمورا آرٽ انسان جي اطمينان، خوشي، تسلي، آرائش ۽ آسودگيءَ لاءِ جوڙيا ۽ تخليق ڪيا وڃن ٿا ۽ اها تسلي انسان ان آرٽ جي سونهن يا جمالياتي معيار مان ئي حاصل ڪري ٿو، پوءِ اها تسلي، خوشي يا اطمينان عڪس جي صورت ۾، آواز جي صورت ۾، بوءَ جي صورت ۾، چکڻ جي صورت ۾، محسوس ڪرڻ جي صورت ۾ يا وري تصور ۽ خيال جي سونهن جي صورت ۾ هجي. مطلب ته جمال يا سونهن ئي انهن سڀني آرٽ کي وڻندڙ، دلچسپ، تسلي بخش ۽ بامقصد بڻائي ٿو.

ڪانٽ شاعريءَ کي سڀني آرٽ جي قسمن کان مٿاهون سمجهي ٿو. ڪانٽ ان ڳالهه بابت پنهنجي ڪتاب (Critique of Judgement) ۾ ٻيا به گهڻا ئي دليل ڏنا آهن. پر انهن مان اهم، هو لکي ٿو ته: ”شاعري اهو آرٽ آهي جنهن جي تخليق رائج ٻوليءَ ۾ ڪئي ويندي آهي. اها ٻولي جنهن ۾ لکندڙ پنهنجا احساس، جذبا، خيال يا تصور جن لفظن ۾ پيش ڪندو آهي، پڙهندڙ يا ٻڌندڙ انهن لفظن جي شناسائي هجڻ ڪري اهو ئي مقصد ۽ مفهوم وٺندو آهي، جيڪو لکندڙ ڏسڻ چاهي ٿو. ان سان قريب قريب اهي ئي احساس ۽ جذبا تحرڪ ۾ ايندا آهن جيڪي تخليڪار محسوس ڪرائڻ چاهيندو آهي.“[۲]

ڪانٽ جو چوڻ آهي ته ان سان گڏ شاعري ٻين آرٽ جي نمونن کي گهربل احساس يا جذبا پيدا ڪرڻ يا اڀارڻ لاءِ زمين (Ground) مهيا ڪرڻ سان گڏ خيال ۽ تصور کي وڏيڪ خوبصورت ۽ اثرانداز ٺاهڻ لاءِ بنيادي عنصر (Element) طور به استعمال ٿئي ٿي، پوءِ اها موسيقي هجي، تصويرنگاري، پوسٽرسازي يا ٻيو ڪجهه. مطلب ته شاعريءَ ۾ موجود جمال ۽ سونهن نه صرف شاعريءَ ۾ پر ٻين آرٽ جي قسمن سان ملي ڪري ان ۾ موجود خيال ۽ تصور کي وڏيڪ خوبصوت، اثرائتو ۽ بامقصد بڻائي اسان کي مسرت، خوشي، اطمينان، تسلي ۽ آسودگي بخشي ٿي.

جماليات يا سونهن جي ڪا هڪ جامع ۽ متفق وصف بيان ڪرڻ مشڪل عمل آهي. مختلف ڊڪشنرين ۾ ان جي بلڪل سادي وصف بيان ڪيل آهي.

"Concern with beauty and art and the understanding of beautiful things, or made in an artistic way and beautiful to look at."[3]

۽ ان سان گڏ ڪجھ انسائيڪلوپيڊيا جيئن برٽانيڪا، اڪيڊمڪ آمريڪن انسائيڪلوپيڊيا بہ لڳ ڀڳ ساڳئي ڳالھ کي ورجايو آهي. جنهن ۾ جماليات فلسفي جي اها شاخ آهي جنهن جو تعلق فنون لطيفا (Art) جي سيني شعبن، فطرت، سونهن، حسن ۽ خوبصورتي سان آهي. جماليات جو اصطلاح جنهن کي انگريزيءَ ۾ Aestheticsچيو وڃي ٿو، سڀ کان پهرين [4] Alexander Baumgarten استعمال ڪيو. سقراط کان وٺي ڪانٽ تائين اڪثر فلاسفر متي جاٽايل وصف سان متفق يا ان جي آسپاس تشريح ڪندي نظر اچن ٿا. پر William P. Seeley انهن شين سان گڏ جماليات يا سونهن کي معاشري ۽ انساني نفسيات سان ملايو آهي.

"Aesthetics is a socially constructed phenomenon, a system of constructed visual representations which impose order on the incoming flux of sensory information".[5]

وليم سيلي مطابق، جماليات يا سونهن هڪ سماج جي طرفان يا سماجي حوالي سان ترتيب ڏنل رجحان آهي، سونهن هڪ انفرادي ساڃاھ جو نتيجو آهي، جيڪو سماج جي جڙيل قدرن سان گڏ ڏسندڙ جي حسي، معاشي، معاشرتي، معلوماتي، نظرياتي ۽ تخيلاتي بيهڪ سان مطابقت رکي ٿو.

ڊاڪٽر شير مهراڻي پنهنجي تحقيق 'شاھ جي شاعريءَ ۾ جماليات جو تصور' ۾ سونهن کي هڪ فلسفياڻو رويو، فڪر، علم ۽ ڄاڻ سڏيندي لکي ٿو: "جماليات سان اسان کي حسن خوبصورتي جمال ۽ جلال کي سمجھڻ ۾ مدد ملي ٿي."[٦] هو جماليات جو محور صرف ۽ صرف سونهن کي قرار ڏي ٿو ۽ ان سونهن جو لاڳاپو حسياتي ذوق ۽ انساني تخيل سان ڏسي ٿو جنهن ۾ انسان ذهن، روح يا جسم جو سڪون ۽ اطمينان ماڻي ٿو.

انگلينڊ جي هڪ محقق Robert Smith شاعري ۽ سونهن لاءِ David Barry ۽ Michael Elmes جي ڳالھ نقل ڪندي پنهنجي هڪ تحقيقي مقالي ۾ جماليات يا سونهن جي بهتر تشريح ڪئي آهي.

"Situate aesthetics alongside the artistic domains of semiotics and poetics because aesthetics relates to a quality arising from combinations of words, lines, patterns, shapes and colours which stir our emotions and involves an appreciation of the observed, the dramatic and the passionate."[7]

سمٿ سونهن ۽ جمال کي علامت(اشارن) ۽ شاعري (semiotics and poetics) جي دائري ۾ رکي سمجھڻ ۽ پرکڻ تي زور ڏئي ٿو، چاڪاڻ تہ سونهن جو تعلق لفظن، لڪيرن، نمونن، شڪلين ۽ رنگن جي ميلاپ مان پيدا ٿيندڙ ڪيفيتن ۽ حالتن سان آهي. جيڪي انسان جي جذبن ۽ احساسن کي اڀارين يا متحرڪ ڪن ٿا، جماليات جو تعلق علامت/اشارن سان هجڻ ڪري ان جي وابستگي فني شين جي تعريف ۽ تشريح سان ٿئي ٿي جيڪو فن، تخليق ۽ ادراڪ جي وچ ۾ ربط پيدا ڪري ٿو.

سمٿ پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ مختلف ڏاهن ۽ فلاسفرن جي جماليات لاءِ چيل ڳالهين، تشريحن، وصفن، ڏنل خيالن ۽ تصورن کي ترتيب ۾ رکي جماليات يا سونهن جو هڪ جامع تصور ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان جي مدد سان ڪنهن بہ آرٽ جي نموني خاص طور تي شاعريءَ ۾ جماليات، سونهن کي سمجھڻ، پرکڻ، جوڙڻ ۽ جمالياتي تنقيد سان وابستہ تصور ۽ عمل کي پيش ڪيو آهي:

"Presents concepts and processes associated with the construction of aesthetic appreciation. Aesthetics (as an action) is influenced by physiognomy (Arnheim, 1954), ethics (Levinson, 1998), ideology (Eagleton, 1991) and morality (Kant, 1964). It can be expressed as a style (Seeley, 2004), a mood (Slater, 2005) or a taste (Bourdieu, 1984). It is further influenced by functionality (Slater, 2005) and can be viewed as an illusion (Gombridge, 1960), or regarded as fake (Goodman, 1968). Aesthetics are created and produced (Slater, 2005) via imagination (Slater, 2005) creativity, and innovation. Thus aesthetics must be expressed, represented, and perceived as such which entails reliance upon the cognitive processes of recognition and appreciation (Slater, 2005). In relation to action, repetition or

mimesis leads to perfectionism. These aspects are present in poetry. Moreover, we appreciate what is familiar to us and when we recognise and appreciate a particular action or communication (as a creative expression) which appeals to our senses culminating in a heightened state of attention and a state of harmony."[8]

سمڻ جماليات يا سونهن کي هڪ عمل (action) يا عمل جي ڪري وجود ۾ ايندڙ ڪنهن بہ آرٽ جي نموني جو درجو ڏئي ٿو، ۽ اها عملي سونهن ان آرٽ جي نموني (جاندار يا بيجان شيءِ) جي وسبن، سياءَ، اخلاق، خيال، نظريي ۽ خصلتن مان ظاهر ٿيندي آهي ۽ پڻ جوڙي وجي ٿي. اُن سونهن جو ڪاٿو يا اظهار ان جي انداز، ذائقي يا مزاج سان ئي ڪري سگهجي ٿو. اها سونهن يا جماليات صرف هڪ تصوراتي، سمجهيل مفروضو، وهم يا خيال هوندو آهي جيڪو انسان ان کي صرف محسوس ئي ڪري سگهي ٿو. سمڻ جو چوڻ آهي تہ جمال يا سونهن کي ڏسڻ، محسوس ڪرڻ، سمجهڻ، پرکڻ يا ان ۾ موجود خيال يا تصور جي وابستگي جو دارومدار جوڙيندڙ، ڏسندڙ، ڏسجندڙ يا ڏيکاريندڙ مان ڪنهن هڪ يا سڀن جي مليل جليل سمجهہ، ساڃاهہ، ڪردار ۽ عملي بيهڪ تي دارومدار رکي ٿو. اهي سڀ پهلو ۽ اصول شاعريءَ تي بہ لاڳو ٿين ٿا، شاعري جي فني، خيالي يا تصوراتي جمال ۽ سونهن جي ڪاٿي يا وابستگي معلوم ڪرڻ لاءِ شاعري پڙهندڙ يا ٻڌندڙ ۽ گهٽي ڀاڳي شاعري ڪندڙ جي ساڃاهہ، علمي ۽ عملي بيهڪ تمام گهڻي اهميت رکي ٿي. ان عمل سان مليل سمجهہ ۽ پرک سان پيدا ٿيل احساس ۽ جذبا حواسن کي متحرڪ ڪري نتيجي ۾ هڪ بئي عمل سرانجام آڻڻ ۾ مدد ڪن ٿيون، جيڪو انسان کي خوشي، سڪون، تسلي، اطمنان، آرائش يا آسودگي بخشي ٿو.

جماليات بابت ڏاهن جي سمجهايل تشريحن مان اهو حاصل ٿئي ٿو تہ جماليات نہ صرف سونهن، حسن، جمال، جلال کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿي پر جماليات ان کان وڌيڪ فلسفي جو نانءُ آهي جنهن ۾راسان سونهن، جمال، جلال کي سمجهڻ، ڏسڻ، پرکڻ، ترتيب ڏيڻ، ناهڻ، اپارڻ يا تخليق ڪرڻ سان گڏوگڏ سونهن سان تعلق رکندڙ هر علم، حلم ۽ عمل کي جماليات جو حصو سمجهون ٿا. جمال يا سونهن صرف خوبصورتيءَ ۾ ئي هجڻ ضروري ناهي پر هر صورت، سادي، ڪوجهي، عام يا خاص هر ڪنهن ۾ پنهنجي سونهن ۽ جمال هوندو آهي. اسان جمال کي پنهنجي پنجن حسن سان محسوس ڪرڻ، پرکڻ، ڏسڻ، سمجهڻ سان گڏ انهن جو استعمال ڪري ذوق، تخيل، خيال، تصور يا نظريي سان ملائي هڪ نئين سونهن، جمال يا جلال کي تخليق ڪندا آهيون جنهن کي اسان آرٽ، شاعري جو هڪ نمونو چئون ٿا ان ڪري جماليات جي پرک، محسوسات يا سمجهہ گهڻي ڀاڳي انفرادي ٿئي ٿي .

ڪنهن بہ شاعريءَ جي سونهن، جمال ۽ جلال کي محسوس ڪرڻ، پرکڻ، سمجهڻ لاءِ ان ۾ موجود خيال ۽ تخيلاتي عنصرن جي ڄاڻ هجڻ سان گڏ تخليق ڏيندڙ جي باري ۾ ڄاڻ هجڻ بہ لازمي سمجهيو وڃي ٿو . هن مقالي ۾ سيد غلام رسول شاهہ غمناڪ جي شاعريءَ ۾ خيال ۽ تصوراتي جمال ۽ جلال سان گڏ ان جي بيان ڪرڻ جي طرز ، ٻولي، لفظن، اصطلاحن ۽ تشبيهن جي استعمال جي سونهن تي زور ڏنل آهي. شاعريءَ ۾ موجود انهن عنصرن کي درست نموني سمجهڻ لاءِ ان جي تخليقار کي اُن بابت پوري معلومات هجڻ ضروري آهي ان سان گڏ ان جي شخصي نظرياتي ۽ معاشرتي بيهڪ جي ڄاڻ ان جي شاعريءَ جي سونهن کي سمجهڻ ۾ وڌيڪ مددگار ٿئي ٿي.

## 'غمناڪ' جي شاعريءَ ۾ جمالياتي عنصر:

سيد غلام رسول شاهہ 'غمناڪ' حسيني جو اصل نالو عبداللطيف ۽ ڪوڏاٽي جو نالو غلام رسول هو، جنهن نالي سان اڄان تائين سڃاتو وڃي ٿو. 'غمناڪ' ۽ 'حسيني' تخلص پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪيو اٿن. سندن جنم 1940ع ۾ ضلعي مٽياريءَ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ اڳرو راهو ۾ سيد حسين علي شاهہ جي گهر ۾ ٿيو. شروعاتي تعليم ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي، ۽ مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول هالا مان پاس ڪئي. ان بعد ٽنڊوالهيار ۾ يونين ڪائونسل جي سيڪريٽري طور نوڪري ڪئي، ڪجهہ ئي عرصي کان بعد ان نوڪري تان استعيفيٰ ڏئي، سنڌ گورنمينٽ ۾

پڻ ٿي استاد جي نوڪري حاصل ڪئي ۽ آخر تائين تدريس جي پيشي سان ئي وابستہ رهيو. ڪين لکڻ پڙهڻ جو شوق ننڍپڻ کان ئي رهيو. ننڍپڻ کان ئي مذهب سان گهري وابستگي رهي، ۽ جوانيءَ ۾ تصوف ڏانهن لاڙو ڪاڏائون ۽ ڳوٺ مهر شاهہ جي صوفي منش ۽ شاعر سيد احمد شاهہ لکياري جي صحبت اختيار ڪيائون.

غمناڪ سنڌ جي ڪلاسيڪي روايت سان جڙيل شاعر آهي. سندن شاعري جا هن وقت تائين بہ مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. جن ۾ هڪ 'وحدت نينهن نياڻ' 2016ع ۽ ٻيو سندن وفات کان پوءِ 'مجازان متي' 2023ع ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا. پاڻ ڪيترن ئي شعري صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي اٿن پر سندن شاعري جو گهڻو حصو ڪافي ۽ بيت تي مشتمل آهي. پاڻ سنڌي، سرائڪي سان گڏ اردو ٻوليءَ ۾ بہ شاعري ڪئي آهي. هن مقالي ۾ غمناڪ جي ٻئي شعري مجموئي 'مجازان متي' ۾ جمالياتي عنصرن بابت پرک ڪئي وئي آهي.

سمٿ، شاعريءَ ۾ جماليات يا سونهن کي پرکڻ لاءِ سڀ کان پهرين شاعريءَ ۾ موجود خيال ۽ تصور جي پرک تي زور ڏئي ٿو. شاعريءَ ۾ موجود تصور يا خيال شاعر جي سوچ، اخلاقيات، ساجاهہ، علمي، عقلي ۽ معاشي بيهڪ تي دارومدار رکي ٿو. سيد غلام رسول شاهہ غمناڪ سنڌ جي ڳوٺاڻي ماحول ۾ رهندڙ هڪ فرض شناس استاد جي حيثيت رکندڙ هو، ان جي خيال ۽ نظريي کي سمجهڻ آسان آهي جيئن هو پنهنجي لفظن ۾ پاڻ چئي ٿو:

ڪرم سان مليوسون فقر هي فقيري
قصد هاڻ ڪونهي اچي مون اميري
گهڙي پل ڪو آيا ڪرڻ سير آهيون
حقيقت ۾ حق آ ٻيا غير آهيون
ڏسون رنگ اکين سان بشيري نذيري
(ص237)

غمناڪ پاڻ کي فقير سڏي ٿو ۽ فقيري رنگ کي مالڪ طرفان ڪرم ۾ شمار ڪري ٿو، ان سان گڏ دنيا جي چاهت ۽ اميري، مال ملڪيت تي فقير، صوفي واري زندگي کي ترجيح ڏئي ٿو. سندن شاعري جو گهڻو حصو تصوف سان وابستگيءَ جو واضع ثبوت آهي. جيئن تہ تصوف ڪو مذهب نہ بلڪ زندگي گذارڻ جو هڪ طريقو آهي. جنهن ۾ دنياوي زندگي عارضي سمجهي وڃي ٿي ۽ وحدت الوجود جي فڪر مطابق حقيقت صرف واحد مالڪ جي ذات آهي، باقي سڀ ڪجهہ ڪوڙ آهي. ۽ دنيا جو معاملو ۽ وانهوار ان مالڪ جا ئي رنگ آهن. تصوف جيڪو لڳ ڀڳ دنيا جي سڀني مذهبن ۾ ڪجهہ گهٽ وڌاءَ سان موجود آهي. غمناڪ جي شاعريءَ ۾ سندن مذهب (اسلام) ۽ اهليبيت سان محبت واري وابستگي واضح آهي، جنهن کي هن پنهنجي شاعريءَ ۾ انيڪ جڳهن تي چٽي نموني اظهاريو آهي:

ناموس آ نياري، محبت پنجتن جي پياري
لاخوف پس لياقت، حيدر علي علي ڪر .(ص 82)

شاعري هڪ بلڪل الڳ قسم جو آرٽ آهي، شاعري فطري طور تي هڪ انفرادي تجربي ۽ احساسن جي نتيجي ۾ تخليق ٿئي ٿي، ان جو تعلق ٻڌندڙ سان بہ گهڻو ڪري انفرادي ئي هوندو آهي. هر ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ ان کي پنهنجي تجربي، احساسن ۽ نظرين مطابق سمجهي ۽ محسوس ڪري ٿو. جيئن شاعر هڪ خاص مرحلي مان گذري اها تخليق ڪري ٿو ۽ ان مرحلي کي يا ان مرحليوار عمل جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ احساسن کي ان شعر ۾ پيش ڪرڻ چاهي ٿو. غمناڪ بہ هڪ اهڙو شاعر آهي جيڪو پنهنجي تجربن ۽ مختلف مرحلن مان گذري پنهنجا خيال قلمبند ڪري ٿو. هي هڪ عام انسان واري زندگي گذارڻ وارو ڳوٺاڻي ماحول ۽ روايتن جي سونهن ۽ جمال سان ڀرپور شاعري جو واضح نمونو آهي. پاڻ هڪ عام سادو، حقيقت پسند ماڻهو هجڻ جي ڪري پنهنجي ڪلام ۾خالص ڳوٺاڻي سونهن ۽ ڏات جو استعمال ڪري ٿو. هو ڪنهن وڌاءَ ۽ مصنوعي بناوتن يا ڏيکاءَ واري بيان کان پرهيز ڪندو نظر اچي ٿو. جيئن اگر هو پنهنجي محبوب سان مخاطب ٿئي ٿو

تہ تڏهن بہ ان کي ڪو الهامي يا آسماني مخلوقات يا تشبيهات ڏيڻ کان بهتر هو عام سنڌي ماحول ۽ معاشري ۾ موجود سونهن سان تشبيهون ڏئي مخاطب ٿئي ٿو، پوءِ ڀلي اها ميار هجي، التجا هجي، ساراهہ هجي يا ندا هجي.، سڀ عام ۽ سادن لفظن ۾ ئي بيان ٿيل آهي. جيئن:

هن عيد تي اچڻ جو، چئي يار ڇو نہ آئين،
مدت کان پوءِ ملڻ جو، چئي يار ڇو نہ آئين.

سنگدل سڄڻ چوئين يا، بيدرد بيوفا ڪو،
عيد رات گڏ گهمڻ جو، چئي يار ڇو نہ آئين .
(ص 117)

ڪنهن شعر جي سونهن ۽ جمال جو ڪاٿو ان جي انداز (Style) ، مزاج (Mood) ۽ ذائقي (Taste) سان ئي لڳائي سگهجي ٿو. هنن سٽن ۾ غمناڪ جي محبوب سان ملڻ جي خواهش جو انداز خوشي ۽ مسرت جو ڪاٿو يا منظر موجود آهي، جيڪي رمانوي اثر هيٺ آهن. جيئن عيد جي ڏهاڙي رات جو ملڻ ۽ گهمڻ جا واعدا هڪ عام روايتي ۽ حقيقت سان تعلق رکندڙ سنڌي معاشري جي روزمره جي زندگيءَ ۾ عملي طور ممڪن نہ آهي، خاص طور تي ان معاشري ۾ جنهن سان اسان جي شاعر جو تعلق آهي. پر سندس خيال، بيان، ٻولي ۽ ان جي منظرنگاري جو مزاج، انداز ان ۾ موجود خوشين جي سونهن جو بيان عام رواج ۽ حقيقت جي ويجهو آهي. ان ئي ڪافيءَ جي ٻي بند ۾ هو حقيقت ۾ موجود فطري حسن ۽ جمال کي اهميت ڏيندي محبوب کي پاڪستان جي اترين علائقن جي پهاڙن واري حسين ۽ سونهن جو بيان ڪري ٿو، جنهن شاعر جي ذائقي (Taste) جي خبر پوي ٿي.

وعدو ڪري خوشيءَ سان، ڇا کان پرين ڦري وئين،
نٿيا گلي هلڻ جو، چئي يار ڇو نہ آئين.
(ص 117)

هن شعر مان غمناڪ جي فطري سونهن جو ذائقو سمجهي ۽ ڏسي سگهجي ٿو جيڪو پڻ حقيقي مثال تي ٻڌل آهي. غمناڪ نہ صرف پنهنجي ميارن يا خواهشن ۾حقيقت جي قريب آهي پر جڏهن هو ملڻ جو تصور ڪري ٿو تڏهن بہ هو پنهنجي ڪلام ۾ اوترو ئي سادو، خالص ۽حقيقت پسند آهي. فعل، عمل جي بہ هڪ پنهنجي سونهن ۽ جمال ٿئي ٿو. ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ احساسن جو بہ هڪ پنهنجو حسن ۽ جلال ٿئي ٿو. جيئن ڪافيءَ جي هن ٽلهہ ۾ واضح آهي:

پرين پاڻ پرچي، اڱڻ منهنجي آيو،
پلو پاڳ ٽيئڙو، سڪي مون سجايو.
(ص 126)

ڪافيءَ جي بند ۾ استعمال ٿيل ٻولي ۽ لفظن جي چونڊ پرين، پرچي، اڱڻ، پلا پاڳ ۽ سڪي سڀ روزمره جي عام زندگيءَ جي سونهن جو واضح بيان آهن ۽ ان بيان جو لهجو ۽ جملي ۾ استعمال بہ بلڪل عوامي آهي .جيئن پلو پاڳ ٽيئڙو يا اڱڻ منهنجي آيو بلڪل عام ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ جملاءِ اصطلاح آهن. غمناڪ جي شاعريءَ جي هڪ بهترين سونهن اها بہ آهي تہ ان جو بيانيو ۽ اظهار عام سنڌي ماڻهو وارو ۽ عام ماڻهو جي لاءِ ئي آهي. ساڳئي ڪافيءَ جي ٻئي بند ۾ پنهنجي شديد خوشي جو اظهار بہ انتهائي سادن ۽ عام زندگي مان ورتل ورجا سان ڪري ٿو:

خوشين جو نہ ڪاٿو آئون پئي اڏامان،
سندس پير هٿڙا تي پل پل چمان مان،
وڻي سيج ويهاري مون سرڙو نمايو،

(ص 126)

هن بند ۾ استعمال ٿيل لفظ ۽ اصطلاح' اڏامان'، 'پير هٿڙا چمان'، 'وٺي سيج ويهارڻ ' اهي سيئي اصطلاح خالص سنڌي سماج جي حُسن ۽ سونهن جي عڪاسي ڪن ٿا . آءُ پئي اڏامان، روزمره زندگيءَ ۾ بيحد خوشي يا مسرت جي وقت عام سنڌي ماڻهو جي اظهار (Expression) جو ورجاءُ شاعر جي سنڌي سماج سان گهري ۽ اٽوٽ وابستگي جو واضع ثبوت آهي. اهڙي ئي نموني هٿڙا پير چمڻ ۽ سيج ويهارڻ بہ سنڌي سماج ۾ ڪنهن بہ فرد کي عزت ڏيڻ، پيار ۽ محبت جو اظهار آهي. ڪڏهن ڪڏهن شاعريءَ ۾ موجود سونهن، جمال ۽ جلال جي پيشڪش يا منظرنگاري، تشبيهي ۽ تمثيلي رکڻ سان، انهن لفظن مان پيدا ٿيندڙ جذبن ۽ احساسن جي شدت کي وڌائڻ يا ان شدت کي سينگارڻ بہ هوندو آهي. اهڙي قسم جي اظهار جي سونهن ۽ جلال ڪنهن بہ جشن، ڪاج،" (Celebration, Commemoration) کي يادگار بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي. ساڳئي جاءِ تي جڏهن هو انهن خوشين کي ملهائڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ بہ اها خالص سنڌي سماج جي سونهن سان ڀرپور لفظن سان منظر نگاري ڪندي نظر اچي ٿو، جيئن ڪافيءَ جي هيٺئين بند ۾ چئي ٿو.

سڏي سرتيون سهرا ۽ لاڏا ڳارايا،

ڪندبون ڪوڙ مصريون وٺي مون ورهايا،

گلابي گلن جا پرين هار پايو.

(ص 126)

جنهن بنياد تي شاعري کي سيني آرٽ جي شعبن کان مٿاهون چيو ويو آهي، ان ۾ سڀ کان اهم رائج ٻولي جو استعمال آهي، اها ٻولي جيڪا شاعر، پڙهندڙ، ٻڌندڙ ۽ عام معاشري ۾ سمجهڻ ۽ محسوس ڪرڻ جوڳي هجي. غمناڪ جي شعر جي نمايا سونهن عام سنڌي معاشري جي رائج ٻولي جو استعمال آهي. جيڪا سندن خيال جي حقيقي حسن ۽ سونهن کي پڻ نمايان ڪري ٿو. جيئن سرتيون، سهرا، لاڏا هڪ سنڌي سماج جي خوشين ملهائڻ ۽ ان کي يادگار بڻائڻ جو هڪ قديمي ۽ عام لاڳو ٿيندڙ عمل آهي، جنهن جي ذريعي سنڌي سماج ۾ پنهنجي احساسن جي سونهن، جمال ۽ جلال جو اظهار ڪيو ويندو آهي ۽ ان خوشيءَ ۾ ورهائڻ لاءِ بہ کنڊ ۽ مصريءَ جي چونڊ بہ هڪ عام سنڌي سماج سان گهري ۽ خالص رشتي جو عڪس آهي. گلابي گلن جا هار بہ ان عزت ۽ محبت جي تشبيهي اظهار ۽ سونهن جو بهترين نمونو آهي.

شاعري ان تخيل جو نالو آهي جيڪو معاشري ۾ هلندڙ معاملات، معمولات يا حادثات سان شاعر جي تجرباتي ۽ احساساتي يا نظرياتي تعلق جو نتيجو هوندو آهي ۽ بلڪل ساڳي طرح غمناڪ جي شاعريءَ ۾ انهن جي استادي شعبي سان وابسطہ هجڻ جي ڪري ان جي ڪلام ۾ هدايت، نصيحت، تعليم، عقل، سمجهہ، سمجهائڻ ۽ معاشرتي معاملن کي تصوف ۽ صوفي تعليم جي پٽاندڙ نبائڻ جي بہ تنبيهہ تمام گهڻي مقدار ۾ ملي ٿي. انهن مان صرف هڪڙو مثال ڪافيءَ جو هي بند آهي:

جهيڙي ۾ ڇا رکيو آ، ڪر ساٿي صلح سهٽا،

پارس پيار جهڙو، وڙهيو ڇو ٿو وڃائين.

اخوت پسند خدا کي، نفرت کي هُو نندي ٿو،

ميراث آهي محبت، ڪونسيو پيو ڪٽائين.

(ص: 154)

غمناڪ جي انهن سٽن مان هڪ استاد ۽ پنهنجي تر جي وڏي يا چڱي مڙس جي سوچ ۽ ساڃاهہ جي سونهن ۽ جلال جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، ان ڪافيءَ ۾ لفظن ۽ ٻولي جو استعمال بہ بلڪل انهي روايتي طريقي سان سنڌي سماج جي سونهن ۽ ڳوناڻي ماحول ۾ موجود ساڃاهہ احترام، رک رکاءَ ۽ چڱائيءَ جو بهترين مثال آهي. ان سان گڏ يوناني فلسفي مطابق حقيقي جمال يا سونهن نيڪي ۽ خدا سان وابستگي، تعلق يا اُن جي چاهت جي پوراءَ ۽ سندس وڏائيءَ جي بيان ۾ آهي.

اهو ساڳيو ئي نظريو تصوف جي تعليم سان گهڻي مشابهت رکي ٿو. ۽ ان سونهن جو عڪس غمناڪ جي هن ڪافيءَ جي بند سان گڏ سندس شعر ۾ موجود آهي.

## نتيجا:

سيد غلام رسول شاهه غمناڪ 'حسيني' جي شاعريءَ ۾ خيال يا تصور جي جمالياتي پرک ڪرڻ لاءِ امينيول ڪانٽ ۽ رابرٽ سمٿ جي آرٽ ۽ جماليات يا سونهن لاءِ ڏنل تشريح پٽاندڙ تحقيق ڪرڻ سان جيڪي نتيجا اخذ ڪيا اهي هيٺ بيان ڪجن ٿا:

### سيد غلام رسول شاهه 'غمناڪ' جي شاعريءَ جي خيال يا تصوراتي جمال يا سونهن:

- غمناڪ جي شاعري جو گهڻو حصو تصوف سان وابستگيءَ جو واضع ثبوت آهي.
- غمناڪ جي شاعري مذهب (اسلام) ۽ اهليبيت سان محبت واري وابستگي واضح آهي.
- يوناني فلسفي ۽ تصوف جي مطابق حقيقي جمال يا سونهن نيڪي ۽ خدا سان وابستگي، تعلق يا اُن جي چاهت جي پوراءَ، ورجاءُ ۽ خدا جي وڏائيءَ جو بيان غمناڪ جي ڪلام جو اهم حصو آهي.
- غمناڪ هڪ عام انسان واري زندگي گذارڻ وارو ڳوٺاڻي ماحول جي تجربن ۽ روايتن جي سونهن ۽ جمال سان پرپور شاعري جو واضح نمونو آهي.
- پاڻ هڪ عام سادو، حقيقت پسند ماڻهو هجڻ جي ڪري پنهنجي شعر ۾ خالص ڳوٺاڻي سونهن ۽ ڏات جو استعمال ڪيو آهي.
- بغير ڪنهن وڌاءَ ۽ مصنوعي بناوٽن يا ڏيکاءُ واري بيان کان پرهيز ڪندي نظر اچي ٿو.
- هڪ عام روايتي ۽ حقيقت سان تعلق رکندڙ سنڌي معاشري جي روز مره جي زندگيءَ جي مزاج ۽ ان ۾ موجود خوشين جي سونهن جو بيان آهي .
- حقيقت ۾ موجود فطري حسن ۽ جمال کي اهميت ڏي ٿو.
- غمناڪ نہ صرف پنهنجي معيارن يا خواهشن ۾حقيقت پسند آهي پر جڏهن هو ميل ميلاپ، رشتن جو بيان ڪري ٿو تڏهن بہ هو پنهنجي ڪلام ۾ اوترو ئي سادو، خالص ۽حقيقت پسند آهي.
- شاعريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولي ۽لفظن جي چونڊ روزمره جي عام زندگيءَ جي سونهن جو واضح بيان آهن.
- بيان جو لهجو ، جملي۽ اصطلاحن جو استعمال بہ بلڪل سادو ۽ عام ماڻهو وارو ئي آهي.
- غمناڪ جي شاعري جو بيانيو ۽ اظهار عام سنڌي ماڻهو وارو ۽ عام ماڻهو جي لاءِ ئي آهي.
- استعمال ٿيندڙ لفظ ۽ ٻولي سڀ خالص سنڌي سماج جي حُسن ۽ سونهن جي عڪاسي ڪن ٿا .
- زندگيءَ ۾ بيحد خوشي يا مسرت جي وقت عام سنڌي ماڻهو جي اظهار (Expression) جو ورجاءُ ۽ ان جو طريقو شاعر جي سنڌي سماج سان گهري ۽ اٽُٽ وابستگي جو واضع ثبوت آهي.
- ڪنهن بہ جشن، ڪاج،[3](Celebration, Commemoration) خوشين کي ملهائڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ بہ اها خالص سنڌي سماج جي سونهن سان پرپور لفظن سان منظر نگاري ڪندي نظر اچي ٿو.

- غمناڪ جي ڪلام جي نمايان سونهن عام سنڌي معاشري جي رائج ٻولي جو استعمال آهي. جيڪو شعر ۾ موجود خيال جي حقيقي حسن ۽ سونهن کي نمايان ڪري ٿو.
- غمناڪ جي شاعريءَ ۾ انهن جي استادي پيشي سان وابسط هجڻ جي ڪري ان جي ڪلام ۾ هدايت، نصيحت، تعليم، عقل، سمجهڻ، سمجهائڻ ۽ معاشرتي معاملن کي تصوف ۽ صوفي تعليم جي پٽاندڙ نيائڻ جي بہ تنبيھ تمام گهڻي مقدار ۾ ملي ٿي.
- شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل ٻولي پڻ سنڌي سماج جي سونهن ۽ ڳوٺاڻي ماحول ۾ موجود ساڃاھ، احترام، رک رکاءَ ۽ چڱائيءَ کي چڱيءَ ريت بيان ڪري ٿي.

## حوالا


1. Kant, I., (1964), “The Critique of Judgment”, translated by J.H. Bernard, Nefner Publishing Co. New York. Pg.164
2. Kant, I., (2000), “Critique of the power of Judgment”, Translated by P. Guyer and E. Matthews, edited by P. Guyer, Cambridge, Cambridge University Press. Pg. 203-204
   Klingner, Stefan, (2023), “Kant on the use of poetry for moral culture”, 12th Kant-Reading Conference, Georg August University of Gottingen, Philosophisches Seminar, Germany. Pg. 03
3. Oxford Advanced Learner’s Dictionary, Eighth Edition, (2010-2015) Oxford University Press, London
4. Baumgarten, A. (1734), “Reflections on Poetry”, trans. Karl Aschenbrenner and William B. Holther (Berkeley: University of California Press, 1954).
5. Seeley, W. P. (2004), “What Cognitive Science Has to Say about Art: Aesthetics and the Constructivist Hypothesis, Brooklyn College”, paper presented at the Annual Meeting of the American Society for Aesthetics, 2004.
6. مهراڻي، ڊاڪٽر شير، ’شاھ جي شاعريءَ ۾ جماليات جو تصور‘، (پي ايچ ڊي تحقيقي مقالو) سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي.
7. Barry, D., Elmes, M. (1997), “Strategy Retold: Towards a Narrative View of Strategic Discourse”, Academy of Management Review, Vol. 22, Pg.429-452.
8. -Smith, Robert, (2015), “Entrepreneurship and Poetry: Analyzing an aesthetic dimension”, Journal of Small Business and enterprise Development. Emerald Publishing, Limited. Pg. 05.